
# رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ
# امام حسين
# جي عبادت

12-September-2019



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# امام حسين جي عبادت

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰي اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰي اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ
(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن به مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوته جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو- ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آب زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي به شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي ته اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون- اعتڪاف جي نيت به صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نه هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي- "فتاوي شامي" ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي ته اعتڪاف جي نيت ڪري، ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري (يعني هاڻي چاهي ته کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)-

## دُرُود شريف جي فضيلت

نبي رحمت، شفيعِ امت صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايائون: قِيامَت جي ڏينهن ماڻهن مان سڀ کان وڌيڪ منهنجي ويجهو اهو شخص هوندو، جيڪو سڀ کان وڌيڪ مون تي دُرُود شريف پڙهندو هوندو- (ترمذي،ابواب الوتر،باب ماجاء في فضل الصلاة...الخ، ٢٧/٢ ،حديث:٤٨٤)

حڪيمُ الاُمّت مفتي احمد يارخان نعيميرَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي

حوالي سان فرمائن ٿا: قِيامَت ۾ سڀ کان وڌيڪ آرام ۾ اهو هوندو، جيڪو حُضُور(صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ) سان گڏ رهندو ۽ حُضُور (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جي همراهي نصيب ٿيڻ جو ذريعو دُرُود شريف جي ڪثرت آهي- هن مان مَعلُوم ٿيو تہ دُرُود شريف بهترين نيڪي آهي، ڇوتہ تمام نيڪين سان جَنّت ملندي آهي ۽ هن سان بَزمِ جَنّت جا گهوٽ (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ) ملن ٿا- (مرآة المناجيح، ۲/۱۰۰) انهيءَ ڪري تہ منهنجا آقا اعلي حضرت، امام اهلسنترَحۡمَۃُاللہِعَلَيۡه فرمائن ٿا -

حشر میں کیا کیا مزے وارفتگی کے لوں رَضا

لوٹ جاؤں پا کے وہ دامانِ عالی ہاتھ میں

(حدائقِ بخشش،ص۱۰۴)

**مختصر وضاحت**: اي رضا! ميدانِ حشر ۾ الله ۽ ان جا پيارا حبيبصَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جڏهن پنهنجي عاشقن ۽ ديوانن تي فَضل ۽ ڪَرَم فرمائي رهيا هوندا تہ ان عالَم ۾ منهنجي بي خودي جو عالَم ڪهڙو هوندو؟ بس مان تہ سرڪارِ والا تبار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو دامَن پڪڙي وٺندس-

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الۡمُؤۡمِنِ خَيۡرٌ مِّنۡ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الکبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:**(1) بغير سني نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

**بيان ٻڌڻ جون نِيّتون**

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! اُذکُرُاللّٰه، تُوبُوا اِلَی اللّٰه! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس-

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! مُحَرَّمُ الحَرام جو بابرڪت مهينو جاري ۽ ساري آهي، هن مُبارَڪ مهيني کي شهيدانِ ڪربلا ۽ خاص ڪري اِمامِ عالي مَقام، سَيِّدُنا اِمامِ حُسين، شهزادهءِ ڪونينرَضِیَ اللّٰہ عَنْہ سان هڪ خاص نسبت حاصل آهي، انهيءِ مناسبت سان اڄ جي بيان ۾ اسان امامِ عالي مقام، امامِ حسينرَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جي تقويٰ ۽ پرهيزگاري، صدقي ۽ خيرات، فَضيلت ۽ مناقب، شان ۽ عظمت، آقا ڪريم، رؤف رحيم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي سندن سان محبت ۽ خاص ڪري (Specially) پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جي عبادت جو ذوق ۽ شوق، عبادت جا واقعا پڻ ٻڌنداسين- اي ڪاش! اسان کي سچو بيان چڱين چڱين نيتن سان ٻڌڻ نصيب ٿي وڃي، اچو! سڀ کان پهريان هڪ واقعو ٻڌون ٿا: جيئن

## امامِ حسين سان محبت جواجر

حضرت سَيِّدنا علامه عبدُالرَّحمٰن ابنِ جوزيرَحْمَۃُ اللّٰہ عَلَیْہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري عَمرو بن ليث جي سامهون ان جي تمام فوج کي گڏ ڪيو ويو، عَمرو بن ليث جڏهن پنهنجي فوج جي اها ڪثرت ڏٺي ته روئي پيو ۽ دل ئي دل ۾ چوڻ لڳو، اي ڪاش! امامِ حُسينرَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جي شهادت جي وقت مان اتي موجود هجان ها ۽ مون وٽ ايتري فوج هجي ها ته مان پنهنجي جان، شان ۽ شوڪت ۽ سڄي فوج کي انهن تي قربان ڪري ڇڏيان ها- ان زماني جي ڪنهن ولي کي خواب ۾، حضورِاڪرم، نورِمجسمصَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ٿي، ته رسول

اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ان کي فرمايو: عَمرو بن ليث کي چئجانءِ تہ ان جي دل ۾ جيڪو خيال آيو آهي اسان کي ان جي خبر آهي ۽ اسان ان جي ارادي کي قبول ڪري ورتو آهي، الله ڪريم توهان کي هن ارادي ۽ هن خيال تي اجرِ عظيم عطا فرمائي- جڏهن خواب ڏسڻ واري عَمرو بن ليث کي اها خوشخبري ٻڌائي تہ هو خوشي وچان جهومڻ لڳو ۽ ان جي اکين مان لڙڪن جي لاڙ نڪرڻ لڳي- (بستان الواعظين،مجلس في فضل يوم عاشوراء وما جاء فيہ، ص۲۴۰ ملتقطا)

**اي عاشقانِ امامِ حسين!** ٻڌو اوهان تہ جيڪو خوش نصيب پنهنجي شهرت ۽ مقام ۽ مرتبي جي پرواهہ ڪرڻ بغير صرف دل ۾ رِضاءِ اِلٰهي ۽ خوشنودي مُصطَفٰي کي حاصل ڪرڻ ۽ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نسبت ۽ شرافت جي ڪري امامِ حسين رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ سان عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪندو، پنهنجي دل ۾ انهن جي خدمت ڪرڻ جي تمنا ظاهر ڪندو آهي تہ ان خوش قسمت تي پياري آقا، محبوبِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ضرور ڪرم ٿيندو آهي جيئن تہ بيان ڪيل واقعي ۾ پنهنجي هڪ غلام جي خواب ۾ تشريف آڻي عمرو بن ليث جي لاءِ خوشخبري ارشاد فرمائي ۽ ان جي دل ۾ ايندڙ خيال (Opinion) کي پنهنجي بارگاهہ ۾ قبول فرمائي ورتو- اچو! ٻڌون ٿا تہ عمرو بن ليث کي محبتِ امامِ حُسين جي ڪري ڪهڙو رتبو ۽ مقام مليو،

## محبتِ امامِ حُسين جي ڪري بخشش ٿي وئي

**خُراسان** جي حاڪم عَمرو بن ليث کي انتقال کان پوءِ ڪنهن خواب ۾ ڏسي پڇيو: الله پاڪ تو سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ ان چيو: الله ڪريم مون کي بخشي ڇڏيو، پڇيائين ڪهڙي سبب؟ ان چيو: هڪ ڀيري مان جبل تان پنهنجي لشڪر جي ڳڻائي ڏسي خوش ٿي رهيو هيس تہ مون تمنا ڪئي ڪاش! مان هن وقت ميدانِ ڪربلا ۾ هجان ها، جڏهن يزيدي لشڪر امامِ حسين رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ ۽ ٻين اهلِ بيت تي ظلم ۽ ستم ڪري رهيا هئا تہ مان سندن جي ڪجهہ خدمت ڪري سگهان ها- تہ ربّ ڪريم انهيءَ نيت جي ڪري منهنجي مغفرت فرمائي ڇڏي- (مدارج النبوت ،باب نهم ذكر حقوق آنحضرت، ۳۰۵/۱ ملخصا)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اها حقيقت آهي جيڪو شخص پنهنجي دل ۾ محبتِ اهلِ بيت ۽ سَيدنا امامِ حُسين جي محبت کي آباد ڪندو آهي اهو دنيا

۽ آخرت جي برڪتن مان حصو ماڻي وٺندو آهي چوته اهلِ بيتِ اطهار سان محبت ڪرڻ انئين ئي آهي جيئن پياري پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان محبت ڪرڻ، اهلِ بيتِ اطهار جي محبت دنيا ۽ آخرت جي بيشمار ڀلائين جو سرچشمو آهي- ايستائين جو اهلِ بيت اطهار جي محبت شفاعتِ مصطفيٰ حاصل ٿيڻ جو ذريعو آهي، جيئن مُصطفيٰ جانِ رحمت، شمعِ بزمِ هدايت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي: جيڪو شخص وَسيلو حاصل ڪرڻ چاهي ٿو ته ۽ اهو چاهي ٿو ته منهنجي بارگاهه ۾ ان جي ڪا خدمت ٿئي، جنهن جي ڪري مان قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪيان، ان کي گهرجي ته منهنجي اهلِ بيت جي خدمت ڪري ۽ انهن کي خُوش ڪري-(برڪاتِ آل رسول،ص ١١٠)

اي عاشقانِ اهلبيت! اسان کي به گهرجي ته اهلِ بيتِ اطهار ۽ خاص ڪري سَيدنا امامِ حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي غُلامي جو پَٽو پنهنجي ڳچي ۾ وجهي سندن جي سيرتِ طيبه جي روشن پهلوئن تي عمل ڪريون، هنن مقدّس هستين جو نهايت اَدب ۽ اِحترام ڪريون، حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضراتِ حسنينِ ڪريمين ڪان بي پناهه محبت فرمائيندا هئا، جيئن

## حضراتِ حسنينِ ڪريمين سان محبت

حضرتِ سَيدُنا ابو ايوب انصاري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مان رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيس ته حضراتِ حسنينِ ڪريمين رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هنج ۾ کيڏي رهيا هئا- مون عرض ڪيو: يارسول الله! ڇا اوهان هنن سان محبت ڪريون ٿا؟ ناناءِ حسنين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مان انهن سان محبت ڇو نه ڪيان، جڏهن ته هي منهنجا به گل آهن جن جي مهڪ کي مان سونگهندو آهيان- (معجم ڪبير، ١٥٥/٤، حديث:٣٩٩٠)

ڪس زباں سے ہوں بیاں عزوشانِ اہلِ بیت مدح گوئے مُصطفٰے ہے مدح خوانِ اہلِ بیت

مُصطفٰے عزت بڑھانے کے لئے تعظیم دیں ہے بلند اِقبال تیرا دُودمانِ اہلِ بیت

(ذوق نعت، ص۱۰۰)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ربّ ڪريم جَلَّ جَلَالُه امامِ عالي مقام، امامِ حسين رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه کي تمام گهڻين خوبين سان نوازيو هو، پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جي عبادت ۽ رياضت، تقويٰ ۽ پرهيز گاري جا واقعا ٻڌڻ کان پهريان سندن جو مختصر ذڪرِ خير ۽ تعارف (Introduction) ٻڌون ٿا:

## مختصر تعارف

★ حضرتِ سَيدُنا امامِ حسين رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جي وِلادَت 5 شعبان 4ھ تي مدينہ مُنوره ۾ ٿي- ★ سندس جو نالو نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ "حُسين" ۽ "شبير" رکيو-★ حضرتِ امامِ حُسين رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جي ڪنيت "ابوعبدالله" ۽ لَقب "سِبطُ رَسُولِ الله (رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا ڏوهٽا)" ۽ "رَيحَانَة الرَّسُوْل (رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا گل)"(تسهيل) آهي- ★ حضرت امامِ حسين رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جنّتي نوجوانن جا سردار آهن-(سير اعلام النبلاء،الحسين الشهيد...الخ،۴/ ۴۰۲ ـ ۴۰۴ ملتقطا) ★ نبيءِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ سندن جي ڪن ۾ آذان ڏني-( كنز العمال، حصه: ١٦، ٢٥٢/٨، حديث:۴۵۹۹۳) ★حضرت امامِ حسين رَضِیَ اللّٰهُ عنه نهايت سخي ۽ نيڪ خصلت هئا- ★ حضرت امامِ حسين رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه ڪيئي حج پيدل ڪيا- حضرت سَيدُنا مُصعب رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه فرمائن ٿا: امامِ عالي مقام، امامِ حسين رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه مديني پاڪ کان پيادل (25) حج ڪيا-(اُسد الغابة، رقم : ١١٧٣، الحسين بن علي، ٢٨/٢ماخوذا) ★ حضرتِ امامِ حسين رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه رسول االله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۽ پنهنجي والدِ ماجد اَميرُالمؤمنين حضرتِ سيدُنا علي المرتضي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه کان علمِ دين جو بيشمار خزانو ماڻيو- ★ حضرتِ امامِ حسين رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جي علم کان ڀرپور گُفتگو (Discourse) اهڙي دلڪش هوندي هئي جو ماڻهن جي اها خواهش هوندي هئي تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه خاموش نہ ٿين بلڪ عِلم ۽

حِڪمت جا خزانا لُٽائيندا ئي رهن- *حضرتِ امامِ حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ پنهنجي ناناجان صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ، پنهنجي والدمحترم، والده مُحترمہ ۽ اَميرُالمؤمنين حضرت سيدُنا عمر فاروقِ اعظم عَلَيهِمُ الرِّضْوَان کان حديث سڳوريون ٻڌيون ۽ رِوَايت ڪيون- * حضرت امامِ حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو مُستقل عِلمي حلقو مسجدِ نَبوي ۾ لڳندو هو جنهن ۾ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ ماڻهن کي فقهي مسئلن کان آگاهـ ڪندا هئا- * حضرت امامِ حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي شهادت 10 محرم الحرام 61 هجري جو ميدانِ ڪربلا ۾ ٿي-

کیا بات رضاؔ اُس چمنستانِ کرم کی
زَہرا ہے کلی جس میں حُسین اور حسن پُھول
(حدائقِ بخشش، ص۷۹)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## امامِ حُسين جي عبادت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! امامِ عالي مقام، امامِ حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي سيرتِ طيبہ جي روشن پهلوئن مان معلوم ٿيو تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ هر وصف ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا، پر اهي اوصاف پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي پنهنجي ئي گهر مان تربيت جي صورت ۾ مليا هئا ڇوتہ ٻار جي تربيت جو سڀ کان پهريون مڪتب (اسڪول) ان جو گهر هوندو آهي، ٻار جا سڀ کان پهريان اُستاد والدين هوندا آهن ۽ سندن رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو گهراڻو وحي ۽ الهام جو مرڪز ۽ علم ۽ عرفان جو چشمو هو، ڪين جو گهراڻو رشڪِ ڪائنات ۽ مرڪزِ تجليات هو، سندن جو گهراڻو عبادت ۽ رياضت ۽ سخاوت جو مرڪز هو، امام عالي مقام رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو گهراڻو زُهد ۽ تقويٰ ۽ پرهيزگاري جو سر چشمو هو، اوهان جو گهراڻو غريبن جي حاجت روائي ۽ غم جي ماريل جو سهارو هو، پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي تہ ننڍپڻ ۾ تعليم ۽ تربيت جو اهڙو بابرڪت نوراني ۽ روحاني ماحول ميسر آيو جو ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار، مڪي مَدَني سرڪار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي هنج

مان تربيت ملي، حضور نبيءِ رحمت، شفيعِ اُمّتصَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو خاص فيضان مليو، اهو ئي سبب هو جو

**حضرتِ امامِ حسين**رَضِیَ اللّٰہ عَنْہعلم ۽ فضل ۾ بي مثل هئا، **حضرتِ امامِ حسين**رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ ايثار ۽ توڪل جا پيڪر هئا، **حضرتِ امامِ حسين**رَضِیَ اللّٰہ عَنْہشجاعت ۽ بهادري ۾ بي مثال هئا، **حضرتِ امامِ حسين** رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ تقويٰ ۽ پرهيزگاري جا مالڪ هئا، **حضرتِ امامِ حسين**رَضِیَ اللّٰہ عَنْہصدقي ۽ خيرات جا بي مثال نمونا هئا، **حضرتِ امامِ حُسين**رَضِیَ اللّٰہ عَنْہهر حال ۾ صبر ۽ شڪر جا عادي هئا، **حضرتِ امامِ حُسين** رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ ڀلائي جي ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺڻ وارا هئا، **حضرتِ امامِ حُسين**رَضِیَ اللّٰہ عَنْہعبادت ۽ رِياضت جا پيڪر هئا، **حضرتِ امامِ حُسين**رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ فرضن جي ادائيگي سان گڏوگڏ نفل عبادت ۽ ڪثرت سان تلاوتِ قرآن جا شوقين هئا، ايستائين جو ڪوڙ روايتن ۾ سندن جي عبادت ۽ رياضت، نفل نمازن ۽ ڀلائي جي ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺڻ جو تذڪرو ملي ٿو، اچو! سندن جي عبادت جي باري ۾ (2) روايتون ٻڌون ٿا:

## نمازءِ روزي جا پابند

1. علامہ ابنِ اثير جزريرَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: كَانَ الْحُسَيْنُرَضِیَ اللّٰہ عَنْہ فَاضِلاً كَثِيرَ الصَّوْمِ وَالصَّلٰوةِ وَالْحَجِّ وَالصَّدَقَةِ وَاَفْعَالِ الْخَيرِ جَمِيعِهَا يعني حضرت سَيدُنا امامِ حُسينرَضِیَ اللّٰہ عَنْہ ڪثرت سان نماز پڙهندا هئا، روزا رکندا هئا، حج ڪندا هئا، صدقو ۽ خيرات ڪندا هئا ۽ تمام ڀلائي جي ڪمن ۾ حصو وٺندا هئا- (اسد الغابة، رقم:١١٧٣،الحسين بن علي، ٢٨/٢)
2. امام عالي مقام رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جا شهزاده حضرتِ سَيدنا امام زين العابدين رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ فرمايو: منهنجا والدِگرامي حضرت سيدنا امامِ حُسين رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ ڏينهن رات ۾ هزار(1000)رڪعت نفل ادا ڪندا هئا- (عقد الفريد، باب من كلام الزهاد و أخبار العباد،١١٤/٣مختصرا)

اي عاشقانِ امامِ حسين! ٻڌو اوهان ته **حضرتِ امامِ حسين**رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ عبادت جو ڪيتري قدرذوق ۽ شوق رکندا هئا، اسان غور ڪريون جا اسان فرض نماز به پڙهندا آهيون؟ **حضرتِ امامِ حُسين**رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ فرض روزن کان علاوه

نفلي روزا بہ ڪثرت سان رکندا هئا، اسان غور ڪريون چا اسان فرض روزا بہ رکون ٿا؟ **حضرتِ امامِ حُسين**رَضِیَ اللہُ عَنْہ ڪثير نفل ادا ڪندا هئا، **حضرتِ امامِ حُسين**رَضِیَ اللہُ عَنْہڪثرت سان صدقو ۽ خيرات ڪندا هئا، اسان غور ڪريون چا اَسان زڪوٰة بہ ان جي شرعي اُصولن جي مطابق ڏيون ٿا؟ **حضرتِ امامِ حُسين**رَضِیَ اللہُ عَنْہ نيڪ عمل ادا ڪندا هئا، اسان غور ڪريون چا اسان اللّٰہ پاڪ کي راضي ڪرڻ وارن ڪمن تي عمل ڪري زندگي گذاري رهيا آهيون يا نہ؟ **حضرتِ امامِ حُسين**رَضِیَ اللہُ عَنْہحج جي ادائيگي جا شوقين هئا، اسان غور ڪريون چا اسانَ استطاعت هئڻ جي باوجود شرعي اصولن جي مطابق فرض حج بہ ڪيو آهي يا نہ؟ مطلب تہ حضرت امامِ حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ پنهنجي زندگي جا رات ۽ ڏينهن ربّ ڪريم جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ۽ عبادت ۽ رياضت ۾ گذاريندا هئا ۽ ڪا گهڙي (Moment) فضول ڪمن ۾ نہ گذاريندا ها بلڪ هر وقت دل يادِ خداوندي ۾ مصروف رهندو هو تہ زبان ذڪرِخُدا سان معمور رهندي هئي، جڻ تہ پاڻ اٿندي، ويهندي هلندي ڦرندي، ڪائيندي پيئندي، سمهندي جاڳندي هر حالت ۾ ۽ هر وقت ربّ ڪريم جو ذِڪر ڪندا هئا ۽ خاص ڪري نماز جي ادائيگي جو بيحد خيالِ ڪندا هئا ۽ وڏي ذوق ۽ شوق سان نماز ادا ڪندا هئا، ڇوتہ نماز جي تعليم تہ ننڍپڻ ئي ۾ نبي ڪريم، رؤف رحيمصَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان حاصل ٿي هئي، اهو مدني تربيت جو ئي فيضان هو جو پاڻ فرض نمازن سان گڏوگڏ نفل جي بہ تمام گهڻي ڪثرت ڪندا هئا-

**سُبْحٰنَاللّٰہ**! قُربان وڃجي! نواسَۂِ رسول، جگر گوشَۂِ بتول **حضرتِامامِ حُسين**رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي عبادت ۽ رياضت جي ذوق ۽ شوق تي، جو جنّتي نوجوانن جا سردار آهن، **حضرتِ امامِ حُسين**رَضِیَ اللہُ عَنْہ وڏي رتبي وارا صحابي آهن، **حضرتِ امامِ حُسين**رَضِیَ اللہُ عَنْہاهلِ بيتِ مُصطفٰي ۾ شامل آهن، **حضرتِامامِ حُسين**رَضِیَ اللہُ عَنْہ اَميرُالمؤمنين حَضرتِ سَيدُناموليٰ عليرَضِیَ اللہُ عَنْہ جا شهزاده آهن، **حضرتِامامِ حُسين**رَضِیَ اللہُ عَنْہحضرت بي بي فاطمہرَضِیَ اللہُ عَنْہا جي جگر جا ٽڪرا آهن، **حضرتِ امامِ حُسين**رَضِیَ اللہُ عَنْہ ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، مڪي مدني سرڪار صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ

وَسَلَّمَ جا ڏوھٽا آھن، حضرتِ امام حسين رضي الله تعاليٰ عنه اهلِ بيت مان آھن ۽ اهلِ بيتِ ڪرام (عليھم الرضوان) جو شان اھو آھي جو آقا ڪريم، رسولِ عظيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ڪو ٻانھو ڪامل مؤمن تيستائين نٿو ٿي سگھي جيستائين مونکي پنھنجي جان کان وڌيڪ نہ چاھي ۽ منھنجي ذات ان کي پنھنجي ذات کان وڌيڪ محبوب نہ ھجي ۽ منھنجي اولاد ان کي پنھنجي اولاد کان وڌيڪ پياري نہ ھجي ۽ منھنجا اھلبيت ان کي پنھنجي گھر وارن کان وڌيڪ پيارا ۽ محبوب نہ ھجن. (شعب الايمان،باب فی حب النبی، ۲/ ۱۸۹ ،حديث: ۱۵۰۵) حضرتِ امام حسين رضي الله تعاليٰ عنه صحابہ ڪرام ۾ شامل آھن ۽ صحابہ ڪرام (عليھم الرضوان) جو شان اھو آھي تہ مديني جي تاجدار، بيڪسن جي مددگار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: توھان جو جبل جيترو سون خيرات ڪرڻ منھنجي ڪنھن صحابي جي سوا سير جَو خيرات ڪرڻ بلڪ ان جي اڌ جي برابر بہ نٿو ٿي سگھي-" ( بخاری،کتاب فضائل اصحاب النبی،باب قول النبی لو کنت متخذا خليلا، ۲ /۵۲۲،حديث: ۳۶۷۳) انھن تمام فضائلن جي باوجود امام حسين جو حال اھو آھي جو فرض سان گڏوگڏ نفل عبادت جي ڪثرت ڪري رھيا آھن-

اي عاشقانِ صحابہ ۽ اولياء! اسان جا بُزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ اجمعين ڪثرت سان ربّ ڪريم جيِ عبادت ۽ نفل نمازن جي ڪثرتَ ڪندا ھئا جڏھن تہ ٻئي پاسي اسانِ جي فرض نمازن جي معاملي ۾ سستي مُسلسل وڌندي پئي وڃي، ڪنن ۾ آذان جو آواز ايندو آھي پر اسان پنھنجي ڪم ڪار جي مصروفيتن جو بھانو بڻائي يا وري سُستي جي ڪري نماز قضا ڪرڻ ۾ شرم محسوس نٿا ڪيون، جڏھن تہ گُناھ ڪرڻ جي لاءِ اسان جي سُستي يڪدم چُستي ۾ بدلجي ويندي آھي- ڪجھ تہ اھڙا بہ ڇڙواڳ ۽ ڳالھڙو ھوندا آھن جو جڏھن اُنھن کي دِين جو درد رکڻ وارو ڪو اسلامي ڀاءُ سمجھائيندي نيڪي جي دعوت ڏي ۽ نماز پڙھڻ يا قضا نمازون ادا ڪرڻ جي ترغيب ڏياري تہ چوندا آھن "اِنْ شَآءَاللهُ ايندڙ جمعي کان ٻيھر نمازون پڙھڻ شُروع ڪنداسين يا رَمضان کان باقاعده نمازن جو اھتمام ڪنداسين" ائين ڪنھن قسم جي شرم ۽ جھجڪ جي بنا وڏي دليري سان مَعَاذَ الله ھن ڳالھ جو جڻ تہ اِقرار ڪري رھيا ھوندا آھن تہ اسان جو نمازون ڇڏڻ جو اھو ڪبيره گُناھ جُمعي جي ڏينھن تائين يا رمضانُ

المبارڪ تائين مُسلسل جاري رکنداسين- شايد اهو ئي سبب آهي تہ اڄ اسان جي گھرن ۾ اتفاق ناهي، روز روز لڙائي جهيڙا عام ٿي ويا آهن، هر هڪ رِزق ۾ بي برڪتي جي ڪري پريشان (Worried) آهي، هر هڪ ٻي سان ناراض نظر اچي رهيو آهي، ڪٿي والدين پنهنجي نافرمان اولاد کان بيزار آهن، تہ ڪٿي ڀاءُ ڀاءُ جي وچ ۾ رنجشون پيدا ٿي رهيون آهن-

## ٻارن جي سٺي تربيت ڪريو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! شايد ان جو سبب اهو ئي آهي تہ اسان الله پاڪ ۽ رسول اللهﷺ جي فرمانن تي عمل ڇڏي ڏينهن رات نافرماني وارن ڪمن ۾ مشغول ٿي ويا آهيون، نہ صرف پاڻ نمازن کان پري ٿياسين بلڪ اسان جا ٻار ۽ گھر وارا بہ نمازن کان پري ٿيندا پيا وڃن ۽ اسان پنهنجي ٻارن جي چڱي تربيت نٿا ڪيون، انهن کي نمازن جو ذهن بہ نٿا ڏيون، جڏهن تہ اسان کي ٻارن جي چڱي تربيت ڪرڻ گھرجي ۽ ننڍپڻ کان ئي انهن کي نمازن جو ذهن ڏيڻ گھرجي-

**ياد رکو!** جيڪڏهن ٻارن کي ننڍپڻ کان ئي ناجائز ۽ حرام ڪمن کان بچائي انهن جي سٺي تربيت تي توجه ڏني وڃي تہ دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي انهن جو مقدر ٿيندي، جيئن سَيدنا امامِ حُسين رضي الله عنه جي ننڍپڻ ۾ سٺي تربيت جي برڪت سان پاڻ بيشمار سٺين وصفن سان مزين ٿيا، تنهنڪري والدين تي لازم آهي تہ ٻارن جي سٺي تربيت ڪن نہ تہ سڀاڻي بروزِ قيامت انهن جي باري ۾ پڇيو ويندو، جيئن تہ

حضرتِ سيدنا عبدالله بن عمر رضي الله عنهما هڪ شخص کي فرمايو: پنهنجي ٻار جي سٺي تربيت ڪريو ڇوتہ توهان کان توهان جي اولاد جي باري ۾ پڇيو ويندو تہ توهان ان جي ڪهڙي تربيت ڪئي ۽ توهان ان کي ڇا سيکاريو- (شعب الايمان،باب في حقوق الاولاد والاهلين، ٦/٤٠٠،حديث: ٨٦٦٢)

والدين تي اولاد جي جيڪي حق اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنَّت مولانا شاه امام احمد رضا خان رحمة الله عليه بيان فرمايا آهن، انهن مان ڪجھ حق پيشِ خدمت آهن: ❁زبان کُلندي ئي الله الله پوءِ پورو ڪلمو لَاۤ اِلٰہ اِلَّااللہ پوءِ پورو ڪلمو طيب سيکاري ❁ جڏهن شعور اچي تہ اَدب سيکاري، کائڻ، پيئڻ، کلڻ،

ڳالهائڻ، اٿڻ، ويهڻ، هلڻ ڦرڻ، حيا، لحاظ، بزرگن جي تعظيم، ماءُ پيءُ، استاد ۽ دُختر (يعني نياڻي) کي مڙس جي بہ اِطاعت جا طريقا ۽ آداب ٻڌائي- ❁ قرآنِ مجيد پڙهائي-❁ نيڪ، صالح، متقي، صحيح العقيده، وڏي عمر واري استاد جي حوالي ڪري ۽ دُختر(نياڻي) کي نيڪ پارسا عورت کان پڙهائي-❁ ختمِ قرآن کان پوءِ هميشہ تلاوت جي تاڪيد ڪري- ❁ عقائدِ اسلام ۽ سنَّت سيکاري ڇوتہ لوح ساده فطرتِ اسلامي ۽ قبولِ حق تي مخلوق آهي (يعني ننڍا ٻار دينِ فطرت تي پيدا ڪيا ويا آهن اهي حقَ کي قبول ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا تنهنڪري) ان وقت جو سکاريل پٿر تي لڪير آهي- ❁حضورِ اقدس، رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي محبت ۽ تعظيم انهن جي دل ۾ وجهي ڇوتہ اصلِ ايمان ۽ عينِ ايمان آهي-❁حضورپُرنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آل ۽ اَصحاب ۽ اولياءَ ۽ عالمن جي محبت ۽ عظمت سيکاري ڇوتہ اصلِ سنَّت ۽ زيورِ ايمان بلڪ ايمان جي بقا جو سبب آهي-❁ ست سالن (7 Years) جي عمر کان نماز جي زباني تاڪيد شروع ڪري ڇڏي-❁علمِ دِين خاص ڪري وُضو، غسل، نماز ۽ روزي جا مَسئلا توڪل، قناعت، زُهد، اِخلاص، تواضع، اَمانت، صِدق، عدل، حيا، دل جي سلامتي ۽ زباني جي حفاظَت وغيره خوبين جا فضائل، حرص ۽ طمع، حُبِّ دُنيا، حُبِّ جاه، رِيا، عجب، تڪبُّر، خِيانت، ڪذب، ظُلم، فحش، غيبت، حسد، ڪينہ وغيره بُرائين جا نقصان پڙهائي-❁ خاص پسر (يعني پٽ) جي حقن مان اهو آهي تہ ان کي لکڻ، ۽ ڪنهن فن ۾ ماهر ڪري، سورهٔ مائده جي تعليم ڏي- ❁ خاص دُختر (يعني نياڻي) جي حقن مان اهو آهي تہ ان جي پيدا ٿيڻ تي ناخوشي نہ ڪري بلڪ نعمتِ اِلٰهي سمجهي، ان کي سُبڻ، پرت پرڻ، رڌ پچاءِ وغيره سيکاري ۽ سوره نور جي تعليم ڏي-

(فتاوىٰ رضويه، ۲۴/۴۵۲ تا ۴۵۵ ملخصاً)

ياد رکو! جيڪڏهن اسان پنهنجي ٻارن جي اصلاح جي ڪوشش نہ ڪئي ۽ انهن کي نماز، روزي جو پابند نہ بڻايو تہ بروزِ قيامت جي رسوائي (Disgrace) سان گڏوگڏ دنياوي نقصان اهو ٿيندو تہ اهي وڏا ٿي اسان جي ڳالهہ نہ مڃيندا، اسان کي اکيون ڏيکاريندا ۽ روز روز اسان جي پريشانين ۾ واڌاري جو سبب ٿيندا رهندا پر ان وقت پڇتائڻ کان علاوه ٻيو ڪجهہ نہ

ورندو-

مری آنیوالی نسلیں تیرے عشق ہی میں مچلیں
انہیں نیک تُو بنانا مدنی مدینے والے!
(وسائلِ بخشش مرمم، ص۴۲۹)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## تلاوتِ قرآن جو جذبو

اي عاشقانِ امامِ حسين! جهڙي طرح سَيدنا امامِ حُسينرَضِیَ اللّٰہ عَنْه کي ڪثرتِ عبادت جو ذوق ۽ شوق هو ۽ ڪثرت سان نفل ادا ڪرڻ جو شوق هو، اهڙي طرح پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنْه کي ڪثرت سان تلاوت قرآن ڪرڻ جو بہ تمام گهڻو شوق هو، اچو! سندن جي ڪثرت سان تلاوتِ قرآن بابت ٻڌون ٿا:

حضرتِ سَيدنا اِمام شَعبيرَحْمَۃُ اللّٰہ عَلَیْہفرمائن ٿا:رَاَيْتُ الْحُسَيْنَ يَتَخَتَّمُ فِي شَهْرِ رَمْضَان يعني مون ڏٺو تہ سيدنا امامِ حُسينرَضِیَ اللّٰہ عَنْه رَمَضانُ المُبارڪ ۾ مڪمل قرآنِ مجيد ختم ڪندا هئا-(سير اعلام النبلا ء،الحسين بن علي،۴/۴۱۰)

## قرآن جا باعمل عالِم

حضرتِ سَيدُنا امامِ حسينرَضِیَ اللّٰہ عَنْهقرآن جا عالمِ باعمل، تقويٰ ۽ پرهيزگاري جا پيڪر، خوفِ خُدا رکڻ وارا ۽ گهڻي سخاوت ڪندڙ هئا-(شهادت نواسہ سيد الابرار،ص۴۷۳ملخصاً)

## تلاوتِ قرآن ۽ نماز سان محبت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! سَيدُنا امامِ حسين جي قرآن ڪريم ۽ نمازن سان محبت جو اندازو هن ڳالھ مان لڳايو تہ 9مُحَرَّمُ الحَرام جو جڏهن يزيدين سان باهمي صلح جي اُميد ختم ٿي وئي تہ امامِ عالي مقام، امامِ حسين رَضِیَ اللّٰہ عَنْه پنهنجي ڀاءُ کي فرمايائون تہ ڪنهن نموني اها لڙائي سڀاڻي تائين مؤخر ٿي وڃي ۽ اڄ جي رات اسان کي عبادتِ الٰهي جي لاءِ ملي وڃي تہ بهتر آهي، پاڻ

رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ پنهنجي پاء کي ارشاد فرمايائون:
جيڪڏهن موقعو ملي وڃي ته اڄ جي رات نماز، دعا ۽ اِستِغفَار ۾ گذاريون، ڇوته مون کي ربّ ڪريم جي رضا جي لاءِ نماز ۽ تلاوتِ قرآن سان محبت آهي ۽ ڪثرت سان دعا ۽ اِستِغفَار منهنجو معمول آهي- (الکامل فی التاریخ،۳/۴۱۵)

اي عاشقانِ صحابہ ۽ اهلِ بيت! ٿورو سوچيو! جڏهن چئني پاسي دشمنن جو هجوم هجي، مصيبتن تي مصيبتون ۽ آزمائشن تي آزمائشون اچي رهيون هجن، پيئڻ جي لاءِ پاڻي نه ملي رهيو هجي ته اسان مان هر هڪ جي تمنا اها ئي هوندي ته ڪاش ڪهڙي طرح انهن مصيبتن کان ڇوٽڪارو ملي وڃي، ڪهڙي طرح بہ اها مصيبت ٽري وڃي، پر سَيدُنا امامِ حُسين رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جي تمنا ڏسو ته ڇا فرمائي رهيا آهن ته ڪاش اها رات بہ عبادتَ ڪرڻ جي لاءِ ملي وڃي، اها رات بہ تلاوتِ قرآن جي لاءِ ملي وڃي، اها رات بہ دعا ۽ مناجات جي لاءِ ملي وڃي، واقعي اهو انهيء عبادت جو ذوق ۽ شوق هو جو ميدانِ ڪربلا ۾ ايترين تڪليفون ۽ مصيبتون اچڻ جي باوجود بہ اهو جذبو ٽٽو نَہ ٿيو ۽ ميدانِ ڪربلا ۾ 10 ڏينهن ڪا نماز قضا نہ ڪيائون، عبادت سان محبت جو عَالَم اهو هو جو آخري وقت پنهنجو مبارڪ سر بارگاھ ربُّ اَلعزت ۾ جهڪائي سجدي جي حالت ۾ شهادت کي سيني سان لڳايائون-

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ دُرست نماز ۽ تلاوتِ قرآن سکڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، فيضانِ نماز ڪورس ڪرڻ ۽ مدرسة المدينه (بالغان) ۾ شرڪت ڪري پابندي سان تعليمِ قرآن حاصل ڪرڻ نهايت مددگار ثابت ٿيندو-

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "بعد فجر مَدَني حلق"

اي عاشقان امام حسين! جيڪڏهن اسان بہ اللّٰه ۽ رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اَحڪامن مطَابق زَندگي گذارڻ، نماز، روزو ۽ نفل عبادتن جي پابندي ڪرڻ ۽ امام حسين رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جي سيرت تي عمل جو جذبو وڌائڻ چاهيون ٿا ته اڄ ئي عاشقَانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو پنهنجو ڪجھ نہ ڪجھ وقت ڪڍي ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان ڪنهن هڪ مدني ڪم جي ذميداري وٺو- ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن

مان روزانو جو هڪ مَدَني ڪم ”بعدِ فجر مدني حلقو“ بہ آهي- جنهن ۾ فجر جي نماز جي جماعت کان پوءِ دعوتِ اسلامي جي تحت قائم ڪيئي مسجدن ۾ روزانو (3) آيتن جي تلاوت مع ترجَموڪنز الايمان ۽ تفسيرخزائنُ العرفان، تفسير نُورالعرفان يا تفسير صِرَاطُ الجِنَان، (درسِ فيضانِ سُنَّت)، منظوم شجرهٴ قادِريہ رَضَويہ عطاريہ پڙهڻ ۽ ٻڌڻ جو معمول هوندو آهي-

12 مدني ڪمن مان هن مدني ڪم ”**بعدِ فجر مدني حلقہ**“ جي تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي رسالي ”**بعدِ فجر مدني حلقہ**“ جو مطالعو ڪريو، تمام اسلامي ڀائر هن رسالي جو لازمي مطالعو ڪن، اهو رسالو مڪتبة المدينہ تي دستياب هئڻ سان گڏوگڏ دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ تان بہ پڙهي سگهجي ٿو، هن رسالي ۾ اوهان پڙهي سگهندو-

*بعدِ فجر مدني حلقو ڇا کي چئبو آهي؟ * مدني حلقو لڳائڻ جو طريقو * اسلاف جا مدني حلقا * مدني حلقي جي معمولات جي وضاحت * فيضان سنّت بابت مفيد ڳالهيون * شجرو شريف پڙهڻ جون برڪتون * دعا جا فائدا* اشراق ۽ چاشت جون برڪتون * مدني حلقو لڳائڻ جا فائدا ۽ * مدني حلقو لڳائڻ جو ڪجهه احتياطون وغيره

❁ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ مَدَني حلقي جي بَرَڪت سان مسجِد ۾ ويهڻ جو ثَواب حاصِل ٿيندو آهي، ❁ فجر کان پوءِ مَدَني حلقي جي بَرَڪت سان تِلاوتِ قُرآن ڪرڻ ٻڌڻ جو شَرَف حاصِل ٿيندو آهي، ❁ فجر کان پوءِ مَدَني حلقو قُرآنَ ڪريم جو ترجمو ۽ تفسير سان سمجهڻ جو بهترين ذَرِيعو آهي، ❁ فجر کانَ پوءِ مَدَني حلقي جي بَرَڪت سان مَدَني اِنعامات تي عمل ٿي ويندو آهي، ❁ فجر کان پوءِ مَدَني حلقي جي بَرَڪت سان اِشراق ۽ چاشت جا نفل پڙهڻ جو موقعو ملندو آهي، ❁ فجر کان پوءِ مَدَني حلقي ۾ بُزرگان دين رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيهِم اَجْمَعِين جي ذِڪرِ خَير تي مُشتَمِل شَجَرو شريف پڙهڻ ٻڌڻ جو شَرَف حاصِل ٿيندو آهي ۽ بُزرگانِ دِين رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيهِم اَجْمَعِين جي رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيهِم اَجْمَعِين جي ذڪرِ خَير تي مُشْتَمِل هن مُبارَڪ شَجَري جي بَرَڪت سان ڪيئي عاشِقانِ رسول جون دعائون قبول ٿين ٿيون، مصيبتن ۽ پريشانين کان ڇوٽڪارو نَصيب ٿيندو آهي ۽ رُڪيل ڪم ٺهجي ويندا آهن- اچو! تَرغِيب طور هڪ مَدَني بهار ٻڌو ۽ خوش ٿيو،

## ويزائون ملي ويون

هڪ اسلامي ڀاءُ تقريباً 14سالن کان ٻاهرين مُلڪ ۾ مُقِيم ۽ 6سال کان دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول کان وابسته آهي- جتي انهن جو پنهنجو ڪاروبار (Business) آهي- انهن کي هڪ ٻيري پنهنجي ڪارخاني ۾ ڪم ڪرڻ وارن جي ضَرورت پئي- انهن ويزن جي لاءِ بار بار درخواستون جمع ڪرايون پر ڪافي ڪوشش جي باوُجود ويزائون نه ملي سگهيون- ڪيئي سال ائين گذري ويا، اهي گهڻو پريشان هئا ڇاڪاڻ ته مُلازم نه هئڻ جي ڪري انهن کي نقصان ڪٽڻو پيو پئي- خير اُنهن همَّت ڪري هڪ دفعو ٻيهر درخواست جمع ڪرائي- انهيءَ دوران هڪ اسلامي ڀاءُ اُنهن کي "شَجَرَهٔ قادِرِيه رَضَوِيه ضِيائِيه عَطَّارِيه" مان شَجَرَه عَالِيه جا دُعائيه شعر پڙهڻ جو مَشوَرو ڏنو- اُنهن شَجَري شريف مان دُعائيه شعر کي بِلاناغه پڙهڻ شروع ڪيو- اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ شَجَرَهٔ عَالِيه قادِرِيه رَضَوِيه عَطّارِيه پڙهڻ جي بَرَڪت سان انهن جو اهو ڪم جيڪو ڪيئي سالن کان نه پئي ٿيو، حَيرت اَنگيز طور تي ڪجهه ڏينهن ۾ ٿي ويو يعني اُنهن کي گهربل تعداد ۾ ويزائون ملي ويون-

مُشکلیں حل کر شہِ مشکل کُشا کے واسطے   کر بلائیں رد شہیدِ کربلا کے واسطے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!   صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## صدقوءِ خيرات

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان سَيدنا امامِ حسين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي عبادات جا واقعا ٻڌي رهيا هئاسين، جهڙي طرح پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرائض ۽ واجبات جا پابند هجڻ سان گڏوگڏ ڪثرت سان نفل نمازون ادا ڪندا هئا، اهڙي طرح پاڻ ڪثرت سان نفل صدقو ۽ خيرات به ڪندا هئا، غريبن ۽ مسڪينن جي مدد ڪندا هئا ڇوته اهو سندن جي خانداني وراثت هئي- پاڻ اهل بيت جي سخي گهراڻي جا چشم وچراغ (Son) هئا، ان ڪري سخاوت ۽ راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ ۾ پڻ ڪنهن کان پوئتي نه رهندا هئا سندن جي ذات ۾ صَدَقي ۽ خَيرات جو

جذبو پڻ ايتري قدر پريل هو جو ڪڏهن ڪڏهن ته پنهنجي ضرورتن ڪي پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي ضرورت تي قُربان ڪري ڇڏيندا هئا-
اچو! سندن جي صدقي ۽ خيرات ڪرڻ جي باري ۾ هڪ واقعو ٻڌون ٿا: جيئن

## ڪريم هجي ته اهڙو

هڪ ڀيري هڪ شخص حضرت سيدنا امامِ حُسينرَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي خدمت ۾ حاضر ٿي پنهنجي تنگدستي ۽ فقر ۽ فاقي جي شڪايت ڪئي، پاڻ فرمايائون: ڪجهه دير ويهي رهو! اسان جو وظيفو اچڻ وارو آهي، جيئن ئي وظيفو پهچندو اسان اوهان کي رخصت ڪنداسين- اجا ڪجهه ئي دير گذري هئي ته حضرت سيدنا اميرِ معاويہرَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي طرفان هڪ هڪ هزار(1000) دِينار جون پنج (5) ٿيلهون سندن جي بارگاهه ۾ پيش ڪيو ويون- قاصد عرض ڪيو: سَيدُنا اميرمعاويہرَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ معذرت ڪئي آهي ته اها ٿورڙي رقم آهي، ان کي قبول فرمائي غريبن ۾ ورهائي ڇڏيو-
حضرت سَيدُناامامِ حسينرَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ سڄي رقم ان غريب ماڻهو جي حوالي ڪري ڇڏي ۽ ان کان معذرت فرمائي ته اوهان کي انتظار ڪرڻو پيو- (ڪشف المحجوب ، باب فی ذکر آئمتهم من اهل البيت، ص٧٧ )

بھوکے رہتے تھے خود اَوروں کو کھلا دیتے تھے
کیسے صابر تھے محمد کے گھرانے والے

**اي عاشقانِ امامِ حسين!** بيان ڪيل واقعي مان ہ نڪتا حاصل ٿيا-
هڪ ته اهو حضرت سَيدُنا امامِ حسينرَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ صدقو ۽ خيرات ڪرڻ ۽ غريبن، تنگدستن، محتاجن ۽ حاجتَ مندن جي مدد ڪرڻ جا عادي هئا جيئن هينئر اسان ٻڌو ته سڄي رقم يڪدم ان غريب ۽ محتاج کي عطا ڪري ڇڏي، پر افسوس اڄڪلهه اسان بخل سان ڪم وٺندي صَدَقو ۽ خَيرات ڪرڻ جي معاملي ۾ سُستي ڪندا آهيون، جيڪڏهن ڪو حاجت مند اچي ۽ وڃي ته ڪاروبار، يا روزگار جي حوالي سان شڪوه شڪايات جا انبار لڳائي ۽ ڪوڙ جو سهارو وٺندي ان جي مدد ناهيون ڪندا ۽ جيڪڏهن ڪڏهن ڪنهن جي مدد

ڪرڻ جي توفيق ملي بہ وڃي تہ حُبّ جاهہ ۽ ريا ڪاري جي آفت ۾ مبتلا ٿي تصويرون ٺٽائي ۽ پوءِ ان کي سوشِل ميڊيا (Social Media) تي اَپ لوڊ (Upload) ڪري ماڻهن جي طرفان واهہ واهہ جي داد وصول ڪرڻ جهڙي بُري عادت ۾ مبتلا ٿي ويندا آهيون-

ياد رکو! صَدَقو ۽ خَيرات ڪرڻ سان بظاهر تہ مال ۾ ڪمي واقع ٿيندي آهي، پر حقيقت ۾ برڪت ئي برڪت ٿيندي آهي، جيئن تہ

## صدقو ڏيڻ سان مال گهٽ ناهي ٿيندو

اسان گناهگارن سان محبت ڪرڻ واري محبوب آقا، بيڪسن جي مدد گار آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: مَا نَقَصَ مَالٌ مِنْ صَدَقَة يعني صَدَقو ڏيڻ سان مال گهٽ ناهي ٿيندو- ( معجم اوسط،من اسمه احمد،١/٦١٩،حديث: ٢٢٧٠)

## مجلس اِزدِيادِ حُبّ

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي صدقو ۽ وخيرات ڪرڻ جا جتي اُخروي فائدا آهن، اتي صدقو ۽ خيرات ڪرڻ سان پاڻ ۾ محبتون پيدا ٿين ٿيون ۽ نفرتون ختم ٿين ٿيون، پر افسوس! اسان فاني دُنيا جي لذّت ۽ مال ۽ دولت جي محبت ۾ گرفتار ٿي هڪ ٻي سان پري ٿيندا پيا وڃون، دلين مان محبت ختم ٿيندي پئي وڃي، ڳالهہ ڳالهہ تي هڪ ٻئي سان جهيڙو ڪرڻ جو ماحول وڌندو پيو وڃي، جنهن جي ڪري اسان جي معاشري ۾ فتنو ۽ فساد ڦهلجندو پيو وڃي ۽ امن ۽ امان ختم ٿيندو پيو وڃي- پر قربان وڃجي! عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول تي جيڪو هن نازڪ دَور ۾ بہ اسان کي مسلمانن سان جهيڙي جهٽي کان بچائڻ، اتفاق ۽ اتحاد سان رهڻ جي ترغيب ڏيارڻ سان گڏوگڏ مسلمانن جي ڏُک درد ۾ شريڪ ٿيڻ، مشڪل وقت ۾ انهن جي حاجت روائي ڪرڻ جهڙي سني سوچ فراهم ڪري رهي آهي، جنهن جي هڪ واضِح جهلڪ دعوتِ اسلامي جي تحت قائم "مجلس اِزدِيادِ حُبّ" بہ آهي- "نيڪ ڪم نمبر55 " کي باقاعده تنظيمي طور تي عَمَلي جامو پارائيندي اهي پراڻا اسلامي ڀائر جيڪي اڳ ۾ ايندا هئا پر هاڻ نٿا اچن انهن کي مَدَني ماحول ۾ فَعال ڪري "مسجد ڀريو تحريڪ" ۾ شامل ڪرڻ، انهن کان پيشگي وَقت وٺي اِنفِرادي طور تي دُڪان، گهر يا دفتر وڃي ملاقات

ڪرڻ، انهن کي سُنّتن ڀري اِجتماعن ۽ مَدَني مذاڪرن ۾ اچڻ جو ذهن ڏيڻ، اِجتماعي اِعتڪاف ۽ مختلف ڪورسز (اِصلاحِ اَعمال ڪورس،فيضانِ نماز ڪورس وغيره) ڪرڻ جي ترغيب ڏيارڻ، قافِلن ۾ سفر ڪرائڻ، انهن جي گهرن ۾ مَدَني حلقي جي ترڪيب ڪرڻ، انهن کي مدرسةُ المدينہ براءِ بالغان ۾ شرڪت ڪرائڻ، انهن جي خوشي، غمي، بيماري ۽ فوتگي وغيره جي معاملن ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ مشڪلات ۾ مڪتوبات ۽ تعويذاتِ عطّاريہ ذريعي انهن جي مدد ڪرڻ، مرحومين جي لاءِ ايصالِ ثواب اجتماع ڪرڻ وغيره وغيره هن مجلس جي مقصدن ۾ شامل آهي- اَللّٰه ڪريم"مجلس اِزدِيادِ حُبّ" کي مزيد ترقيون عطا فرمائي-اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِ الْاَمِین صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ٻيو نڪتو

اي عاشقانِ رسول! اهو بہ پتو پيو تہ سَيدُنا امامِ حسين رَضِيَ اللهُ عَنْه عاجزي ۽ انڪساري جا پيڪر هئا، تڏهن تہ ٿورڙي دير ٿيڻ تَي ان شخص کان معافي گهريائون، جڏهن تہ معافي گهرڻ ضروري نہ هو، پر پوءِ بہ معافي گهري، جيڪڏهن اسان پنهنجي حالت تي غور ڪريون تہ عاجزي ۽ اِنڪساري تہ پري جي ڳالهہ، اسان غلطيون (Mistakes) ڪرڻ جي باوجود بہ معافي ناهيون گهرندا ۽ هٺ ڌرمي ڪندي اهو چوندي ٻڌا ويندا آهيون تہ **ادا اسان تہ شريفن سان شريف ۽ بدمعاشن سان بدمعاش آهيون، جيڪو اسان سان جهيڙو ڪندو اسان ان کي نہ ڇڏينداسين، جيڪو اسان کي هڪ ڳالهہ ٻڌائيندو، اسان ان کي ڏهہ ٻڌائينداسين، جيڪو اسان کي تڪليف پهچائيندو اسان ان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏينداسين،** جڏهن تہ اسان جا بزرگانِ دِين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم اَجْمَعِين تہ بدتميزي ڪرڻ وارن سان بہ حُسنِ اَخلاق سان پيش ايندا هئا، اسان جا بزرگانِ دِين تہ غلطي نہ هئڻ جي باوجود بہ معافي گهري وٺندا هئا، اسان جا بزرگانِ دِيَن تہ گاريون ڏيڻ وارن کي بہ دعائون ڏيندا هئا، اسان جا بزرگان دِين تہ دل آزاري ڪرڻ وارن سان بہ عفو درگذر سان ڪم وٺندا هئا، هڪ اَسان آهيون جو بنا شرعي سبب جي ماڻهن جون دل آزاريون ڪندا آهيون، جاڻي واڻي ماڻهن کي تڪليفون ڏيندا

آهيون، اسان ماڻهن جون غيبتون ڪندا آهيون، اسان ناحق ماڻهن جون شيون قبائي وٺندا آهيون، اسان ڪل مذاق ڪرڻ وارن کي گاريون ڏيندا آهيون، اسان ماڻهن کان بدلو وٺڻ جو موقعو ڳوليندا آهيون، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ انهن بُرين عادتن کي ڇڏي ڪري پنهنجي اسلاف جي نقشِ قدم تي هلندي، عَفو ۽ درگزر، حِلم ۽ بردباري، تحمل مزاجي ۽ عاجزي ۽ انڪساري جي عادتن کي اپنايون، ڇوتہ عاجزي ۽ انڪساري واريون عادتون رکڻ وارا هر دلعزيز بڻجي ويندا آهن جڏهن تہ تڪبُّر ۽ ڳالهہ ڳالهہ تي جهيڙو جهٽو ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿيڻ وارن کان ماڻهو نفرت ڪرڻ لڳندا آهن-

## عاجزي اختيار ڪريو

اميرُالْمُؤمِنِين،خَلِيفَة الْمُسْلِمِينحضرت سَيِّدُناعمر فارِوقِ اعظمرَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمايو: جيڪو اللّٰه ڪريم جي لاءِ عاجزي اختيارڪندو، اللّٰه پاڪ اُن کي بلندي عطا فرمائيندو، پوءِ هو پاڻ کي ڪمزور سمجهندو پر ماڻهن جي نگاهن ۾ اهو عظيم هوندو ۽ جيڪو تڪبُّر ڪري، اللّٰه ڪريم اُن کي ذليل ڪندو پوءِ اهو ماڻهن جي نگاهن ۾ ننڍو پر پاڻ کي وڏو سمجهندو هوندو ايستائين اهو ماڻهن جي ويجهو خنزير کان بہ بدتر ٿي ويندو آهي- (مصنف ابن ابي شيبة،كتاب الزهد ،باب كلام عمر بن الخطاب، ١٤٤/١٩، حديث : ٣٥٦٠٢ ملتقطا)

فخر و غُرور سے تُو مولیٰ مجھے بچانا
یا ربّ! مجھے بنا دے پیکر تُو عاجزی کا

(وسائلِ بخشش مرمم،ص۱۷۸)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي چڱي صحبت متعلق ڪجهہ مفيد ڳالهيون بيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو.

## چڱي صحبت بابت ڪجهہ مفيد ڳالهيون

پهريان 2 فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ ملاحظ ڪريو:(1)فرمايائون: اَلْمَرْءُ مَعَ مَنْ اَحَبَّ يعني انسان ان سان گڏ هوندو جنهن سان هو محبت ڪري- (صحيح مسلم، ڪتاب البر۔۔الخ، باب المرء مع من احب،ص ١٠٨٨،حديث:٦٧١٨)(2)فرمايا: ''اَلْمَرْءُ عَلٰی دِينِ خَلِيلِه فَلْيَنْظُرْ اَحَدُکُمْ مَنْ يخَالِلُ'' يعني انسان پنهنجي دوست جي دِين ۾ ان جي طور طريقي تي هوندو آهي، تنهنڪري ضروري آهي تہ توهان ڏسو تہ ڪنهن سان دوستي رکو ٿا- (المسند لامام احمد بن حنبل، مسند ابي هريرة،٢٣٣/٣، حديث: ٨٤٢٥) ☆ چڱي ۽ بُري ساٿي جي مثال مُشڪ کڻڻ ۽ بني دڪائڻ واري جيان آهي، مشڪ کڻڻ وارو توکي تحفو ڏيندو يا تون ان کي خريد ڪندي يا توکي ان مان چڱي خوشبو ايندي، جڏهن تہ بني دڪائڻ وارو يا تنهنجا ڪپڙا ساڙيندو يا توکي ان مان ناپسند خوشبو ايندي. -(صحيح مسلم، ڪتاب البروالصلة، باب استحباب مجالسة...الخ، ص ١٠٨٤،حديث:٦٦٩٢۔)

☆حديث شريف ۾ فرمايو ويو: وڏن جي صحبت ۾ ويهو ۽ عالمن کان ڳالهيون پڇا ڪريون ۽ داناء سان ميل جول رکو-(المعجم الکبير،١٢٥/٢٢، حديث:٣٢٤) ☆ سٺو همنشين اهو آهي جو ان کي ڏسڻ سان توهان کي خدا ياد اچي، ان جي گفتگو (Conversation) سان توهان جي عمل ۾ زيادتي ٿئي ۽ ان جو عمل توهان کي آخرت جي ياد ڏياري- (الجامع الصغير، حرف الخاء، ص٢٤٧، حديث:٤٠٦٣)☆ چڱي دوست جي همنشيني نہ صرف دنيا ۾ فائديمند هوندي آهي بلڪ قبر ۾ بہ نيڪوڪار جي صحبت فائدو پهچائيندي آهي- (اچھے ماحول کي برکتيں،ص٣٣)☆عمل ڪرڻ جو اهو اعليٰ جذبو جيڪو هڪ پاڪيزه ماحول جي صحبت سان ملندو آهي اهو بي طرح ناممڪن ناهي تہ مشڪل ضرور آهي-(سابقه حواله،ص٢١)☆ اهڙو ماحول بنائڻ گهرجي جنهن ۾ تمام شريڪ ٿيندڙن جو اٿڻ ويهڻ پاڻ ۾ ملاقات ڪرڻ ۽ هڪبئي سان محبت رکڻ فقط الله پاڪ جي رضا ۽ خوشنودي جي لاءِ

هجي-(سابقه حواله،ص٢٥)☆ سني ماحول سان سني صُحبت ميسر ٿيندي آهي-(سابقه حواله،ص١٦)☆ چڱي ماحول سان وابسته ٿيڻ تي ظاهر ۽ باطن جي اصلاح ٿيندي آهي- (سابقه حواله، ص١٦) ☆بُري ماحول کي اپنائڻ وارا ماڻهو پنهنجي عزت ۽ وقار ۽ حيثيت کي وڃائي ويهندا آهن- (سابقه حواله، ص٢٦) ☆حضرت مالڪ بن دِينار رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيه جن فرمايو: جنهن ياءُ يا ساٿي جي صحبت توهان کي دِيني فائدو نه پهچائي توهان ان جي صُحبت کان بچو ته جيئن توهان محفوظ ۽ سلامت رهو- (کشف المحجوب ، باب الصحبة ومايتعلق بها ، ص٣٧٤)☆سني صحبت ۽ نيڪين جي رَغبت ڏيارڻ وارو دعوتِ اسلامي جو روح پرور ماحول عبادتن ۽ معاملن جي نگهباني ۽ سُنّتن جي حفاظت جو جذبو وٺي مدينه ڏانهن هلندو پيو وڃي، لهٰذا دعوتِ اسلامي جي پاڪيزه ۽ نيڪ ماحول سان وابسته ٿيڻ سعادتِ دارين آهي-(اچھے ماحول کي برڪتين،ص٢٢)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتين اور آداب"اميرِ اهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيه جا ٻه رسالا "101 مدني گل" ۽ "163 مدني گل هديو ڏئيَ حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

سيکھنے سنّتيں قافلے ميں چلو لوٹنے رحمتيں قافلے ميں چلو

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اِنْ شَآءَالله! آئنده هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع جو موضوع هوندو: ”سيرتِ بلال حبشي“. جنهن ۾ اسان حضرت بلال حبشي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو مختصر تعارف، فضائل خاص ڪري سندن جي ايمان تي استقامت ۽ عشقِ رسول جا واقعا ٻڌنداسين.

لِهٰذا! آئنده جمعرات بہ اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نہ صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ اِنفرادي ڪوشش ڪري ٻين کي بہ گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ ڪٽي زور سان چئو:اِنْ شَآءَالله

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين جو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرت سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[1]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[2]

## (4) ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[3]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[2] ...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

[3] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنہُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[1]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

---

[1] …القول البديع، الباب الاول، ص125

[2] … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهما کان رِوايت آهي تہ سرکارِ مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

1... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،10/254،حديث:17305